ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) آچر 11 آڪٽوبر 2026ع 28 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (57)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Sunday 11th October 2026

تحريڪ انصاف خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي جي ذميوار ۽ طالبان آئيڊيالاجي تي ڪم ڪري رهي آهي: وفاقي حڪومت

ٻه ٽي آءِ دهشتگردن جي سهولتڪار آهي، تحريڪ انصاف دهشتگردن کي خيبر پختونخوا جي رهائشي آبادين ۾ آٽي آباد ڪيو، احتجاج ۽ ڌرڻن سان قيدي جي آزادي نه ٿيندي: وفاقي وزير اطلاعات

گذريل 13 سالن دوران صوبي ۾ گورننس ۽ ترقي بدران سياسي ڏٺيڙ کي هٿي ڏني وئي، خيبر پختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي جي ڪارڪردگي ڏٺي وڃي ته گورننس جي حوالي سان سندس ڪارڪردگي ٻڙي آهي

پي ٽي آءِ جو باني چيئرمين وزيراعظم هو ته منجهند جو 12 وڳي هيليڪاپٽر ذريعي آفيس ايندو ۽ شام جو 5 وڳي گهر هليو ويندو هو ڪيس ايڪسچينج ريٽ جي خبر ناهي ۽ ڪيس سندس گهر واري ٻڌائيندي هئي

خيبر پختونخوا هڪ زماني ۾ اسان لاءِ فخر جوڳو صوبو هو، جتي سڄي دنيا مان سياح ايندا هئا ۽ سياحتي ماڳن مان لطف اندوز ٿيندا هئا، صوبو امن جو گهوارو هو ۽ هر لحاظ کان مثالي سهولتن وارو صوبو هو

وفاقي حڪومت عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ فيول رليف اسڪيم متعارف ڪرائي، جنهن مان هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو فائدو حاصل ڪري چڪا آهن، هي اسڪيم ڪاميابي سان جاري رهي

ڪي پي ڪي جو عوام غربت، صحت جي اڻهوند، معياري تعليم جي اڻهوند سبب مشڪلاتن جو شڪار آهي، روڊن، پلن، انفرا اسٽرڪچر ۽ بنيادي ڍانچي جي ترقي نه هئڻ سبب عوام محرومين ۾ جڪڙيل آهي

ڪي پي ڪي جي عوام کي ڏکيائين ۽ محرومين ۾ مبتلا ڪري ڪنهن قيدي جي آزادي ممڪن ناهي، آخر هي نظام ڪيترائي هلي سگهي ٿو، هر وقت ڏٺيڙ، تشدد ۽ گارگند جي سياست نٿي هلي سگهي: عطاءُ الله تارڙ

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطاالله تارڙ چيو آهي ته خيبر پختونخوا ۾ دهشتگردي جي ذميوار تحريڪ انصاف آهي جيڪا طالبان آئيڊيالاجي تي ڪم ڪري رهي آهي ۽ دهشتگردن جي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

گورنر راڄ جي ڌمڪين کان نه ڊڄنداسين، هاڻي وڙهه ڪرسيءَ نه پر پختونن جي حقن لاءِ آهي: سهيل آفريدي

هاڻي تحريڪ رڳو اقتدار يا ڪرسيءَ تائين محدود ناهي رهي، پر پنهنجي اڳواڻ ۽ پختونن جي حقن لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون

11 آڪٽوبر تي سڄي ملڪ مان ڪارڪن صوابي پهچندا، 13 آڪٽوبر تي صوابي ۾ تحريڪ جي ايندڙ حڪمت عملي جو اعلان ڪيو ويندو

اسان کي ڪير به خريد نٿو ڪري سگهي، اها آئيني ۽ قانوني دائري ۾ رهندي پرامن سياسي جدوجهد آهي، اسان پرامن آهيون ۽ پرامن رهنداسين

چارسدا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير محمد سهيل آفريدي چيو آهي ته گورنر راڄ جي ڌمڪين کان نه ڊڄنداسين هاڻي تحريڪ رڳو اقتدار يا ڪرسيءَ تائين محدود ناهي رهي پر بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان ترڪي لاءِ نامزد سفير آمنہ بلوچ جي ملاقات، نيڪ خواهشن جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

انجنيئر امير مقام ۽ فيصل ڪريم ڪنڊي ۾ ملاقات، سياسي معاملن تي ڳالهيون

اڳواڻن پاران امن امان جي صورتحال، لانگ مارچ ۽ ٻين اهم سياسي معاملن تي ڳالهايو ويو

وفاقي حڪومت صوبي ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ عوامي ترقي لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي: ٻنهي ۾ اتفاق

پشاور (اي پي پي) ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي معاملن بابت وفاقي وزير انجنيئر امير مقام ۽ خيبرپختونخوا جي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ توانائي، روڊن ۽ پاڻي سميت مختلف شعبن ۾ 11 ترقياتي منصوبن جي منظوري

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ ايڪنڪ جو اجلاس ٿيو، منصوبن کي مقرر وقت تي مڪمل ڪرڻ جي هدايت

اسلام آباد ۾ ڪنگ سلمان بن عبدالعزيز آل سعود اسپتال جو قيام ۽ قومي فرانزڪ ايجنسي لاءِ لائبريري جي به منظوري ڏني وئي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ قومي اقتصادي ڪائونسل جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي (ايڪنڪ) سڄي پاڪستان ۾ توانائي، روڊن، پاڻي، بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

غريبن جي مدد کي خيرات چوڻ غريب دشمن ۽ منافقاڻي سوچ جو مظهر آهي: شرجيل ميمڻ

غريب عورتن ۽ ضرورت مند خاندانن جي مدد ڪرڻ تي طعنا ڏيڻ افسوسناڪ عمل ۽ غريبن کي ٻن ويلن جي ماني ڏيڻ تي سياست ڪرڻ ٻي حسي آهي

حافظ نعيم الرحمان سياسي پوائنٽ اسڪورنگ لاءِ غريبن جي امداد کي خيراتي نه ٻڌائي، غريبن جي مدد ڪرڻ تي طعنا ڏيڻ سان غربت ختم نٿي ٿئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جماعت بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

نيوزيلينڊ: ڪرائسٽ چرچ ۾ فائرنگ ۽ تشدد جي واقعن ۾ 2 ڄڻا مارجي ويا

ويلنگٽن (اي پي پي) نيوزيلينڊ جي ڊاڪٽيز بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جو مولانا فضل الرحمان کي فون، ملاقات جي دعوت ڏني

خيبر پختونخوا حڪومت سان ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف مولانا فضل الرحمان سان ٽيليفون تي رابطو ڪري عمري جي ادائگي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

حقن کان محروم قومي وحدتن کي وفاق کان ڌار ٿيڻ جو آئيني حق ڏنو وڃي: سينيٽر ثناءُ الله بلوچ

وفاقي اختيارن ۽ وسيلن جي ورڇ ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه سان ناانصافي ٿي رهي آهي

سنڌ ۽ بلوچستان جا قدرتي وسيلا انهن جي حق حاڪميت سان جڙيل آهن، تيل، گئس ۽ بجلي تي سنڌ جو پهريون حق آهي

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي/ اعجاز لغاري) بلوچستان نيشنل پارٽي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: بلوچ اڳواڻ ثناءُ الله بلوچ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي تقريب ۾ ڳالهائي رهيو آهي

وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو، منظوري لاءِ اڄ وفاقي ڪابينا جو اجلاس طلب

صدر آصف زرداري سان وزيراعظم جي ملاقات، ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ تي اتفاق

صدر مملڪت آصف علي زرداريءَ سان وزيراعظم محمد شهباز شريف ايوان صدر ۾ ملاقات ڪئي ۽ ملڪ جي مجموعي سياسي ۽ سيڪيورٽي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

ايمرجنسي دوران پارليامينٽ کي ڪنهن صوبي يا ان جي ڪنهن حصي بابت قانون سازي ڪرڻ جو اختيار هوندو آرٽيڪل 232 تحت وفاقي حڪومت جا انتظامي اختيار وڌي ويندا

صوبائي اسيمبليءَ جا قانون سازيءَ وارا اختيار به مڪمل طور ختم نٿا ٿين، پر صوبائي قانون ۽ پارليامينٽ جي قانون ۾ ٽڪراءُ ٿئي ته پارليامينٽ جو قانون لاڳو ٿيندو ۽ ان سان ٽڪراءَ ۾ آيل صوبائي قانون غير اثرائتا ٿي ويندا

آئين جو آرٽيڪل 234 صوبي ۾ آئيني نظام جي ناڪاميءَ جي صورت ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ سان لاڳاپيل آهي ان تحت گورنر صدر کي رپورٽ موڪليندو ۽ پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن مان الڳ الڳ ٺهراءُ منظور ٿين ته صدر گورنر راڄ لاڳو ڪري سگهي ٿو

آرٽيڪل 234 تحت صدر صوبائي حڪومت جا سمورا يا ڪجهه اختيار پاڻ سنڀالي سگهي ٿو يا گورنر کي ڏئي سگهي ٿو پر هلندڙ ڪورٽ جا اختيار پاڻ سنڀالڻ يا گورنر حوالي ڪرڻ جو اختيار حاصل نه هوندو

ايوان صدر ۾ خيبرپختونخوا جي صورتحال بابت ٿيل اجلاس دوران صوبي ۾ امن امان ۽ سيڪيورٽي بابت گورنر خيبرپختونخوا فيصل ڪريم ڪنڊي طرفان موڪليل رپورٽ جو جائزو ورتو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي جڏهن ته ان جي منظوري لاءِ اڄ وفاقي ڪابينا جو اجلاس طلب ڪيو ويو آهي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي منظوري لاءِ پارليامينٽ جي ٻنهي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف صدر آصف زرداري سان ملاقات ڪري رهيو آهي

وزيراعظم شهباز شريف جي آذربائيجان جي صدر سان فون تي ڳالهه ٻولهه

ٻنهي اڳواڻن جو سياسي هم آهنگي کي اقتصادي ۽ واپاري حصيداري ۾ بدلائڻ تي اتفاق

پاڪستان ۽ آذربائيجان جا لاڳاپا اهم قومي مفادن جي معاملن تي ڀرپور حمايت سان ٻڌل آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ جمهوريه آذربائيجان جي صدر الهام عليوف ٻنهي ملڪن وچ ۾ بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد آءِ پارڪ جي قيام جو ڪريڊٽ وزيراعظم ڏانهن وڃي ٿو: شزه فاطمہ

پارڪ جي تڪميل وزيراعظم شهباز شريف جي حمايت ۽ رهنمائي سان ممڪن ٿي

مقامي سطح تي تيار ٽيڪنالاجي سلوشنز جي ترقي جي حوصلا افزائي لاءِ ٻڌائي ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) انفارميشن بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ سي ٽي ڊي جو وڏو آپريشن، ڀارتي حمايت يافته 10 دهشتگرد مارجي ويا

بارخان ضلعي جي "رارا شام" واري علائقي ۾ اطلاع تي هڪ انٽيليجنس آپريشن ڪيو ويو

ڪوئيٽا (مر ڊ) بلوچستان ۾ آپريشن ردالفساد-3 تحت ڪيل هڪ وڏي ڪارروائي ۾ ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (CTD) فتنه الهند سان تعلق رکندڙ 10 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو سي ٽي ڊي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

"دانش آءِ ٽي پارڪ" جو افتتاح، هي پارڪ نوجوانن کي هنرمند بڻائڻ ۾ مدد ڏيندو: وزيراعظم

هي منصوبو مصنوعي ذهانت ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ جدت کي هٿي ڏيڻ ۾ سنگ ميل ثابت ٿيندو

هي آءِ ٽي پارڪ مڪمل طور فعال ٿي ويندو ته يقين آهي ته اهڙي قسم جا هزارين آءِ ٽي پارڪس ملڪ جي چئني صوبن ۾ قائم ٿيندا

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اسلام آباد آءِ ٽي پارڪ جو نالو دانش آءِ ٽي پارڪ رکڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته هي منصوبو پاڪستان ۾ مصنوعي ذهانت ۽ انفارميشن بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽي جي وفد جو ڪراچي فلٽر پلانٽ جو مطالعاتي دورو

ڪراچي(بيورو رپورٽ) انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽي اسلام آباد جي آفيس آف ريسرچ انوويشن اينڊ ڪمرشلائيزيشن جي وفد ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي نارٿ ايسٽ ڪراچي فلٽر پلانٽ جو مطالعاتي دورو ڪيو جتي وفد کي پاڻي جي فلٽريشن فراهمي ۽ معيار جي جاچ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سهيل آفريدي ۽ پي ٽي آءِ پنهنجي ڪارڪردگي جو جواب ڏين: طارق فضل

امن جي نالي تي احتجاج جي سياست ڪرڻ سان مسئلا حل نه ٿيا آهن ۽ نه ٿيندا

نوجوانن کي اهڙا موقعا ملڻ گهرجن جو ملڪي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن

اسلام آباد (اي پي پي) پارليامانی معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته سهيل آفريدي ۽ تحريڪ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي جهڙي قدم کي ڪڏهن به درست نه سمجهندس: وڏو وزير

پاڪستان پيپلز پارٽي ڪڏهن به نه چاهيندي ته ملڪ ۾ ڪو به غير آئيني قدم کنيو وڃي ۽ نه ئي الله ڪري ڪڏهن اهڙي نوبت اچي

پختونخواه حڪومت مسلسل ان ڪوشش ۾ لڳل آهي ته صوبي ۾ اهڙي صورتحال پيدا ڪئي وڃي جنهن حڪومت کي مجبورا ڪو اهڙو قدم کڻڻو پوي

خيرپور/ سکر (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي جو خطرو اچا ٽريو ناهي تنهن هوندي جيڪڏهن اهڙي صورتحال پيدا ٿئي ٿي ته هڪ صوبي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سکر: وڏو وزير مراد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ انويسٽمينٽ اينڊ ٽريڊ ڪانفرنس
شنگهائي 2026
گڏيل خوشحالي لاءِ نوان موقعا
خميس، 15 آڪٽوبر 2026 | شنگهائي، چين
پاڪستان-چين جي پائيدار سفارتي لاڳاپن جا 75 سال

پاڪستان ۽ چين جي سفارتي لاڳاپن جا 75 سال مڪمل ٿيڻ جي ياد ۾، حڪومتِ سنڌ چين جي شهر شنگهائي ۾ 'سنڌ سيڙپڪاري ۽ واپاري ڪانفرنس 2026ع' جي ميزباني ڪري رهي آهي معزز وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي قيادت ۾ منعقد ٿيندڙ هي اهم تقريب، صوبائي قيادت کي چين جي معروف صنعتي ۽ ڪاروباري گروپن سان ڳنڍيندي، ڊگهي مدي وارين حڪمتِ عملي تي ٻڌل پائيدارين قائم ڪرڻ لاءِ راهه هموار ڪندي

25 کان وڌيڪ تبديليءَ جو سبب بڻجندڙ B2B ۽ G2B گڏيل سهڪاري ناهه (MoUs) ۽ معاهدا

توانائي ۽ پيٽرو ڪيميڪلز | آٽوموٽو ۽ اليڪٽرڪ وهيڪل (EV) موبيليٽي | آءِ ٽي سي، ڊيجيٽل معيشت ۽ فن ٽيڪ | ايگرو ٽيڪ، صحت ۽ لاجسٽڪس

اهم فائدا:
سنڌ لاءِ ان جو ڇا مطلب آهي؟

- اعليٰ درجي جي صنعتي ترقي:
سنڌ کي ڏکڻ، وچولي ۽ اولهه ايشيا لاءِ جديد مينيوفيڪچرنگ ۽ برآمداتي مرڪز ۾ تبديل ڪرڻ.
- گرين موبيلٽي ۽ موسمياتي لچڪ:
مقامي سطح تي اليڪٽرڪ گاڏين جي پيداوار ذريعي ماحول دوست آمد و رفت کي تيز ڪرڻ ۽ موسمياتي لحاظ کان موزون ٻجن ذريعي غذائي تحفظ کي مضبوط بڻائڻ.
- روزگار جا موقعا ۽ مهارتن جي ترقي:
هزارين هنري نوڪريون فني نوڪريون پيدا ڪرڻ، جنهن سان مقامي انجنيئرن، سائنسدانن ۽ آءِ ٽي جي ماهرن کي بااختيار بڻائي سگهبو.
- برآمدات جو متبادل:
اي پي آءِ (APIs)، آٽو پارٽس ۽ پيٽرو ڪيميڪل مواد جي مقامي پيداوار ذريعي گهرايل شين جي خرچن ۾ نمايان گهٽتائي آڻڻ.

سنڌ حڪومت
INF/KRY/4523/26
www.sindhinvestment.gos.pk

بقايا 1 "روزاني عبرت"

ايوان جا اجلاس بہ طلب ڪيا ويا آهن آئين جي آرٽيڪل 232 موجب، جنگ يا اندروني بدامنيءَ جي صورتحال ۾ صدر ڪنهن صوبي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري جو اعلان ڪري سگهي ٿو اهڙي اعلان کي 10 ڏينهن اندر پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن جي منظوري لاءِ پيش ڪرڻ لازمي آهي ايمرجنسي دوران پارليامينٽ کي ڪنهن...

پبلڪ نوٽيس

روبرو جناب غلام شاه

بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ

گيس وصولي دعويٰ نمبر: 35 سال 2026.

سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجر/ ليگل سروس ريجن آفيس لاڙڪاڻو محبوب ولد محمد منير شيخ ذريعي ....مدعي

خلاف

نياز پناڻ ولد نائب خان پناڻ ، بالغ ، مسلمان، ڪاروبار ماشاءَ الله هوٽل ، واقع نزد ديدار آئرن اسٽور، هالا ناڪا ، حيدرآباد ....مدعا عليہ

ڏانهن،

مٿي ڄاڻايل مدعاعليه

جيئن تہ مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سڳوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 3,65,000 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن تہ اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نہ آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي تہ اوهان هن عدالت ۾20.10.2026 تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن تہ داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نہ ٿيو،تہ مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو. منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان گڏ 08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو.

بحڪم.........................

(رئيس احمد شيخ)

اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.

مهر عدالت BY ORDER

PID (K)1179/26

WALK IN INTERVIEW FOR (SHUTDOWN ACTIVITY ONLY)

A Public Sector Organization is looking for competent and highly dedicated workers for the following positions on contingent basis and fixed wages for **80 to 110 days** at Karachi. Interested candidates may appear in walk-in interview from **08:00 AM to 02:00 PM** as per schedule and address mentioned below along with original documents and one copy of attested documents:

CHASHMA Abaseen Club, Chashma Mianwali.

MULTAN MINAR Hospital, Nishtar Medical College & Hospital, Multan.

KARACHI KANUPP Colony Hawksbay Road near Javed Bahria Society Mauripur, Karachi.

Sr. No.	Post	Fixed Wages P/Month Rs.	Qualification	Experience	Date		
					Chashma	Multan	Karachi
1.	Sr. Tech (Electrical/ Electronics/ Instrumentation & Control)	82,268/-	a. B.Tech (pass) b. 03 years Diploma of Associate Engineer or equivalent. (1st Div)	a. Nil b. 04 years relevant experience	21-10-2026	26-10-2026	02-11-2026
2.	Tech-I (Electrical/ Electronics/ Instrumentation & Control)	64,277/-	03 years Diploma of Associate Engineer (1st Div) in relevant field from recognized Polytechnic Institute.	Nil			
3.	Sr. Tech (Mechanical / HVAC)	82,268/-	a. B.Tech (pass) b. 03 years Diploma of Associate Engineer or equivalent. (1st Div)	a. Nil b. 04 years relevant experience	22-10-2026	27-10-2026	03-11-2026
4.	Tech-I (Mechanical / HVAC/ Chemical / Civil)	64,277/-	03 years Diploma of Associate Engineer (1st Div) in relevant field from recognized Polytechnic Institute.	Nil			
5.	Tech-I (Chemical / Civil)	64,277/-	03 years Diploma of Associate Engineer (1st Div) in relevant field from recognized Polytechnic Institute.	Nil	23-10-2026	28-10-2026	04-11-2026
6.	Scientific Assistant-I (Physics / Chemistry)	64,277/-	B.Sc. (1st Div)	Nil			
7.	Jr. Assistant-I (Admin/Accounts)	59,453/-	B.Com / BBA / BCS (Two Years) or BA/B.Sc in relevant field (1st Div)	Relevant experience will be preferred	-	-	05-11-2026
8.	Caretaker-III	58,053/-	Intermediate	03 years	-	-	
9.	Driver-III	48,639/-	Matric having civil Driving License with HTV. **Minimum Height Required: 168 cm**	03 years	-	-	06-11-2026
10.	Special Vehicle Operator	48,639/-	Matric having HTV Civil Driving License with trade test in operation of special vehicle. For ex-service men with minimum T.T class II course in the operation of relevant vehicle.	03 years	-	-	
11.	Cook-II / Tandoorchi / Waiter-II	48,639/-	Middle	6 Years	-	-	

a) Candidates must not be less than 18 years or more than 35 years of age. However, age can be relaxed due to technical expertise and experience like working in Shutdowns turnaround maintenance of chemical / petro chemical / power plants.
b) Only those candidates who fulfill prescribed eligibility criteria may appear in interview.
c) Where the prescribed qualification is 1st Division in the final degree / certificate. Only one 2nd Division in the entire academic career would be acceptable. However, qualification can be relaxed due to technical expertise and experience in relevant field.
d) Selected candidates will be posted at Karachi for the period of 80 to 110 days only.
e) Experience will only be considered if acquired after the minimum prescribed qualification as mentioned against the post.
f) Candidates must have obtained all educational certificates / diplomas / degree from Govt. recognized institutions.
g) Walk-in Interviews for posts at Sr. No.07 to 11 will be conducted at Karachi only.
h) No TA / DA will be admissible for appearing in interview.
I) For inquiry: **021-99241469 (Ext. 3160 & 3195)**.

Sr. Admin Officer (RFO)
P.O Box No. 71, Karachi

پبلڪ نوٽيس

روبرو جناب غلام شاه

بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ

گيس وصولي دعويٰ نمبر: 30 سال 2026.

سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجرI.C SSGC ۽ ليگل سروس حيدرآباد وسيم قاضي ولد قاضي قادر بخش ذريعي ....مدعي

خلاف

جبار بروهي ولد عبدالوهاب ڪاروبار: چانهہ جو دڪان واقع قليلي موري، ڄامشورو روڊ، لونگ خاصخيلي ڳوٺ پرسان، حيدرآباد

A/C غير رجسٽرڊ FIR نمبر 43/2023 جو جوابدار

جبار بروهي ولد عبدالوهاب............مدعا عليہ

ڏانهن،

مٿي ڄاڻايل مدعاعليه

جيئن تہ مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سڳوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 177,700 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن تہ اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نہ آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي تہ اوهان هن عدالت ۾20.10.2026 تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن تہ داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نہ ٿيو،تہ مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو. منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان گڏ 08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو.

بحڪم.........................

(رئيس احمد شيخ)

اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.

مهر عدالت BY ORDER

PID (K)1180/26

پبلڪ نوٽيس

روبرو جناب غلام شاه

بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ

گيس وصولي دعويٰ نمبر: 33 سال 2026.

سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجرSSGC ۽ ليگل سروس حيدرآباد وسيم ولد قاضي قادر بخش ذريعي ....مدعي

خلاف

اشرف خان ولد رحمت الله، ڪاروبار لنڊن ڊيرا ريسٽورينٽ واقع ڳوٺ ٽنڊو غفار جهانيا، سامهون لنڊن ٽائون، قاسم آباد ، حيدرآباد ....مدعا عليہ

ڏانهن،

مٿي ڄاڻايل مدعاعليه

جيئن تہ مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سڳوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 727,800 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن تہ اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نہ آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي تہ اوهان هن عدالت ۾20.10.2026 تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن تہ داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نہ ٿيو،تہ مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو. منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان گڏ 08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو.

بحڪم.........................

(رئيس احمد شيخ)

اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.

مهر عدالت BY ORDER

PID (K)1181/26

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 11 آڪٽوبر 2026ع

وڌندڙ غربت جو حساب ڪتاب؟

مجيب ناريجو

ملڪ جي معيشت بهتر ٿي رهي آهي يا عام ماڻهوءَ جي زندگي وڌيڪ ڏکي ٿي رهي آهي؟ ان جو جواب حڪومتي بيانن يا قرضن جي قسطن بدران ماڻهن جي زندگيءَ مان ملڻ گهرجي. عالمي بئنڪ جي تازي رپورٽ موجب پاڪستان ۾ غربت وڌي رهي آهي، بيروزگاريءَ جو انگ به مٿي ويو آهي ۽ معاشي سختين جو بار محدود آمدنيءَ وارن گهراڻن تي پوي ٿو. سوال اهو آهي ته معاشي سڌارن باوجود عام ماڻهوءَ جي حالت ڇو نٿي سڌري؟ عالمي بئنڪ جي 2025ع واري جائزي موجب، پاڪستان ۾ ملڪي سطح جي غربت شرح 19_2018ع جي 21.9 سيڪڙو مان وڌي 24_2023ع ۾ 25.3 سيڪڙو تي وئي. آڪٽوبر 2026ع جي علائقائي رپورٽ موجب، 19_2018ع کان 2025_24ع تائين روزانو ٽن ڊالرن واري عالمي غربت جي حد کان هيٺ رهندڙ پاڪستانين جي شرح ۾ 6.4 سيڪڙو پوائنٽن جو اضافو ٿيو. رپورٽ اهو به ٻڌائي ٿي ته وچ اوڀر، اتر آفريڪا، افغانستان ۽ پاڪستان واري خطي جي انتهائي غريب ماڻهن مان لڳ ڀڳ 48 سيڪڙو پاڪستان ۾ رهن ٿا. ان جو مطلب پاڪستان جي 48 سيڪڙو آباديءَ جو انتهائي غريب هجڻ ناهي، پر لاڳاپيل خطي جي انتهائي غريب ماڻهن جو لڳ ڀڳ اڌ پاڪستان ۾ هجڻ آهي. اهي انگ مختلف غربت جي حدن ۽ وقتن تي ٻڌل آهن، پر ٻنهي مان صورتحال جي سنگيني ظاهر ٿئي ٿي.

غربت جو سبب رڳو مهانگائي ناهي. ڪورونا وبا، 2022ع جي ٻوڏن، رپئي جي قدر ۾ گهٽتائي ۽ معاشي سختين ماڻهن جي آمدنيءَ کي متاثر ڪيو. عالمي بئنڪ موجب، ملڪ ۾ 85 سيڪڙو کان وڌيڪ روزگار غيررسمي شعبي سان لاڳاپيل آهي، جتي ڪيترن ماڻهن کي مستقل آمدني، مناسب سهولتون ۽ سماجي تحفظ ميسر ناهن. زراعت جي گهٽ پيداواري صلاحيت، روزگار جي بهتر موقعن جي کوٽ ۽ تعليم توڙي صحت جون اڻايون به غربت مان نڪرڻ کي ڏکيو بڻائين ٿيون. محنت باوجود جڏهن گهر جو خرچ پورو نه ٿئي، تڏهن معاشي ترقيءَ جي فائدن بابت سوال اٿڻ لازمي آهي. پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسٽڪس جي ليبر فورس سروي موجب، بيروزگار ماڻهن جو انگ 2020/21ع جي 45 لک مان وڌي 2024/25ع ۾ 59 لک تي ويو جڏهن ته بيروزگاريءَ جي شرح 6.3 سيڪڙو مان وڌي 7.1 سيڪڙو ٿي. روزگار نه ملڻ سان گهراڻن جي آمدني گهٽجي ٿي، قرضن تي ڀاڙڻو پوي ٿو ۽ تعليم توڙي علاج جهڙيون ضرورتون به پوئتي رهجي وڃن ٿيون. بجليءَ جا بل، گئس، پيٽرول ۽ کاڌي پيتي جون شيون محدود آمدنيءَ تي مسلسل بار وجهن ٿيون. عالمي بئنڪ جي اڳڪٿي موجب، مالي سال 2027_26ع ۾ پاڪستان جي مجموعي معاشي واڌ 3.8 سيڪڙو ۽ مهانگائي 8.2 سيڪڙو ٿي سگهي ٿي، جڏهن ته في ماڻهو حقيقي معاشي واڌ لڳ ڀڳ 2.2 سيڪڙو رهڻ جو اندازو آهي.

پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ کان پوءِ حڪومت گهٽ آمدنيءَ وارن ماڻهن لاءِ في ليٽر 100 رپين جي رعايت واري رٿا شروع ڪئي. موٽرسائيڪلن ۽ رڪشن لاءِ هفتيوار رعايت، جڏهن ته 800 سي سي تائين جي گاڏين لاءِ مقرر مقدار ۾ پيٽرول تي رعايت رکڻ جو مقصد ٽڪڙو سهارو ڏيڻ آهي. اهڙي مدد سفر جو خرچ گهٽائي سگهي ٿي، پر کاڌي، بجلي، علاج ۽ تعليم جو بار ختم نٿي ڪري. حدف واري سبسڊيءَ بابت عالمي مالياتي ادارن جا دليل پنهنجي جاءِ تي، پر مدد جي دائري ۽ خرچن تي بحث ڪندي ضرورتمند ماڻهن جي گهرجن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. مستقل حل لاءِ روزگار، آمدنيءَ جي پڪ ۽ سستي اگهه تي بنيادي سهولتون ضروري آهن. ٽيڪس جي ورچ بابت به سوال موجود آهن. آڪٽوبر 2026ع ۾ رپورٽ ٿيل ايف بي آر جي عارضي انگن موجب، مالي سال جي پهرين ٽن مهينن ۾ پگهاردار طبقي کان 144 ارب رپيا آمدنيءَ جو ٽيڪس وصول ٿيو، جڏهن ته ريزڪي واپار ۽ رئيل اسٽيٽ جي شعبن مان گڏيل وصوليون لڳ ڀڳ 54 ارب رپيا رهيون. شعبن جي ٽيڪس بنياد ۽ وصوليءَ جا طريقا مختلف آهن، تنهنڪري انگن جي ڀيٽ احتياط سان ڪرڻ گهرجي. تنهن هوندي به سوال اهم آهي: جڏهن پگهاردار ماڻهوءَ جي ٽيڪس 'آمدني ملڻ وقت ئي' ڪٽجي ٿي، تڏهن ٻين شعبن مان ٽيڪس وصول ڪرڻ ۽ ٽيڪس چوري روڪڻ لاءِ ڪيتري اثرائتي ڪوشش ٿئي ٿي؟

حڪومتي خرچن جون ترجيحون به جاچڻ گهرجن. شنگهائي سهڪار تنظيم جي 2027ع واري اجلاس لاءِ 30 بلٽ پروف گاڏين جي خريداريءَ خاطر 6.6 ارب رپين جي اضافي گرانٽ منظور ٿيڻ جو مثال موجود آهي. سيڪيورٽيءَ جي ضرورت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، پر موجود گاڏين ۽ متبادلن جو جائزو وٺڻ ۽ خرچن جو ڪليل حساب ڏيڻ به ضروري آهي. جڏهن عوام کان ڪفايت ۽ قرباني گهري وڃي ٿي، تڏهن سرڪاري خرچن بابت سوال ڪرڻ به جائز آهي. سياسي بحث ۽ نون صوبن جون تجويزون ڏئي بحثن جو رخ موڙڻ جي ڪوشش پنهنجي جاءِ تي، پر غربت، روزگار ۽ ٽيڪس جي انصاف جهڙا مسئلا پوئتي نه رهڻ گهرجن. قرضن جون قسطون ادا ڪرڻ ۽ بجيٽ جا حدف پورا ڪرڻ اهم آهن، پر معاشي پاليسين جي اصل ڪاميابي تڏهن ثابت ٿيندي، جڏهن روزگار وڌندو، آمدنيءَ بابت غير يقيني ختم ٿيندي ۽ بنيادي سهولتون عام ماڻهوءَ جي پهچ ۾ هونديون. جيڪڏهن معاشي سڌارن جو بار عوام تي وڌو وڃي، بيروزگاري ۽ غربت گهٽجڻ بدران وڌندي رهي، ته پوءِ انهن سڌارن جي ڪاميابيءَ جو حساب ڪير ڏيندو؟

ٽرمپ جو انتظار، شهباز جي نامزدگي

فريد احمد

وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ نئين مرحلي ۾ داخل ٿي وئي آهي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ مدِٽرم چونڊن تائين ايران تي حملو نه ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي، پر يمن ۾ سعودي عرب ۽ حوثين وچ ۾ ويڙهه وڌيڪ تيز ٿي وئي آهي. ٽرمپ جي فيصلي پويان آمريڪي چونڊن جا ڪهڙا مفاد آهن، ۽ اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان جو وزيراعظم کيس ٻيهر نوبل امن انعام لاءِ نامزد ڇو ڪري رهيو آهي؟

ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا پوسٽ ۾ دعويٰ ڪئي آهي ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ هاڪاري ڳالهيون جاري آهن، پر ايران جي ناڪابندي برقرار رهندي. هن 3 نومبر تي ٿيندڙ مدِٽرم چونڊن کان اڳ حملي کان پاسو ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. آمريڪي خبررساں اداري ايڪسيوس موجب، ايران تي حملو تيل جون قيمتون وڌائي سگهي ٿو، جنهن جو اثر آمريڪي چونڊن تي پئجي سگهي ٿو. 27 آڪٽوبر تي اسرائيل ۾ ٿيندڙ چونڊون به هن فيصلي جي پسمنظر ۾ اهم آهن. مطلب ته جنگ بابت فيصلو رڳو فوجي صورتحال نه، پر سياسي مفادن سان به جڙيل آهي.

ايراني صدر مسعود پزشڪيان جو چوڻ آهي ته ڌمڪين ۽ دٻاءَ هيٺ ٿيندڙ ڳالهيون، ڳالهين بدران پنهنجي مرضي مڙهڻ جي برابر آهن. سو حملي کان عارضي پاسو ڪرڻ باوجود ناڪابندي ۽ مستقبل ۾ جنگ جو امڪان برقرار آهي. انهيءَ وچ ۾ وزيراعظم شهباز شريف ٽرمپ کي پاڪ-ڀارت جنگ روڪرائڻ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ تي ٻيهر نوبل امن انعام لاءِ نامزد ڪيو. شهباز شريف موجب، ٽرمپ جي مداخلت جنگبنديءَ ۾ مدد ڪئي، جيڪا اڃا برقرار آهي. پر 9 آڪٽوبر تي نوبيل ڪميٽيءَ امن انعام ڏکڻ آفريڪا جي قانوندان ۽ گڏيل قومن جي انساني حقن جي اڳوڻي ڪمشنر نوين پيلي کي ڏيڻ جو اعلان ڪيو. گذريل ٻن سالن ۾ هي ٻيو ڀيرو آهي، جو شهباز شريف ٽرمپ کي ان انعام لاءِ نامزد ڪيو آهي.

پاڪ-ڀارت جنگ روڪرائڻ ۾ ٽرمپ جي ڪردار کي تسليم ڪندي به سندس ٻين پاليسين بابت سوال اٿاري سگهجن ٿا. وينزويلا ۾ غير قانوني طور فوجي جٿو لاهي صدر نڪولس مادورو کي سندس محل مان اغوا ڪري آمريڪا پهچائڻ، گرين لينڊ تي قبضي ۽ ڪئناڊا کي آمريڪا جي 51هين رياست بڻائڻ بابت ڌمڪين، ايران کي به مڪمل طور تباهه ڪري ڌرتيءَ جي گولي تان ختم ڪرڻ جون ڌمڪيون طاقت جي استعمال ۽ ملڪن جي خودمختياريءَ بابت سوالن کي جنم ڏين ٿيون. ايران تي آمريڪا ۽ اسرائيل جا حملا به خطي کي وڏي جنگ ڏانهن ڌڪي چڪا آهن، جنهن جا اثر پاڪستان سميت ڪيترن ئي ملڪن تي پيا آهن.

يمن ۾ صورتحال وڌيڪ ڳنڀير ٿي وئي آهي. سعودي عرب جي حمايتي فوجن ۽ حوثين وچ ۾ حملن جو سلسلو تيز آهي. رائٽرز موجب، حوثين جي ميزائل حملن رياض جي هوائي اڏي کي به نشانو بڻايو، جنهن ۾ جاني نقصان ٿيو ۽ اڏامن جو نظام متاثر ٿيو. جنگ جا اثر رڳو فوجي محاذن تائين محدود ناهن. تيل جي فراهميءَ جا اهم رستا متاثر ٿيا آهن. عالمي معيشت سان گڏ پاڪستان جي توانائيءَ جي خرچن ۽ مهانگائيءَ تي به دٻاءُ وڌيو آهي. پاڪستان لاءِ چئلينج اهو آهي ته سعودي عرب سان لاڳاپن، پنهنجي دفاعي ضرورتن ۽ جنگ کان پري رهڻ واري پاليسيءَ ۾ توازن ڪيئن قائم ڪري. آخرڪار سوال ٽرمپ جي امن واري دعويٰ يا شهباز شريف جي نامزدگيءَ کان اڳتي آهي: ڇا چونڊن تائين حملي کان پاسو ڪرڻ خطي ۾ امن جو رستو کوليندو، يا جنگ رڳو ڪجهه وقت لاءِ ملتوي ٿي رهي آهي؟ پاڪستان جي سفارتڪاريءَ جي ڪاميابي به ان ڳالهه سان پرکبي ته اها جنگ جي باهه گهٽائڻ ۽ ملڪ جي مفادن جي حفاظت ۾ ڪيتري مددگار ٿئي ٿي.

نوبل انعام 2026ع

سائنس، ادب ۽ امن جي ميدان ۾ غيرمعمولي ڪاميابين جي مڃتا

فيضان احمد

دنيا ۾ ڪي انعام رڳو ذاتي ڪاميابين جي مڃتا هوندا آهن، پر نوبل انعام جي اهميت ان کان گهڻو اڳتي آهي. اهو انساني علم ۾ واڌاري، ادب ۾ نون خيالن جي اظهار ۽ انسانيت جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيل غيرمعمولي خدمتن جو عالمي اعتراف آهي. هر سال هي انعام انهن شخصيتن جي ڪم کي دنيا آڏو آڻي ٿو جن جي تحقيق، تخليق يا جدوجهد انساني سوچ ۽ سماج تي گهرا اثر ڇڏڻ جي سگهه رکي ٿي. نوبل انعام جي شروعات سويڊن جي سائنسدان ۽ موجد الفريڊ نوبل جي وصيت موجب 1901ع ۾ ٿي. سندس وصيت تحت طبعيات، ڪيميا، طب، ادب ۽ امن جا انعام ڏيڻ جو سلسلو شروع ٿيو. جڏهن ته معاشي سائنسن جو انعام 1968ع ۾ سويڊن جي مرڪزي بئنڪ قائم ڪيو. انعامن جو مقصد اهڙن ڪمن جي مڃتا ڏيڻ آهي، جيڪي انساني علم کي اڳتي وڌائين ۽ سماج لاءِ فائديمند ثابت ٿين. اچو ته ڏسون ته 2026ع ۾ ڪهڙين شخصيتن کي نوبل انعام مليو ۽ انهن ڪهڙين ڪاميابين وسيلي اها عالمي مڃتا ماڻي.

طب: ڪارل ڊائسرٿ، پيٽر هيگمن ۽ گيورگ ناگل کي دماغ جي عصبي خلين جي سرگرمين کي روشنيءَ وسيلي ڪنٽرول ڪرڻ واري تحقيق تي نوبل انعام ڏنو ويو. سندن ڪم 'آپٽوجينيٽڪس' نالي سائنسي طريقي جي واڌ ويجهه ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، جنهن سان دماغ جي ڪم ڪرڻ جي طريقي کي وڌيڪ سمجهڻ جا نوان رستا کليا. هن تحقيق سان عصبي ۽ ذهني بيمارين بابت مستقبل جي مطالعي لاءِ به اميدون وڌيون.

طبعيات: فرانسس هالزن کي ڪائنات جي ڏورانهن حصن مان ايندڙ انتهائي توانائيءَ وارن نيوٽرينو ذرڙن جي سڃاڻپ ۽ 'آئس ڪيوب' رصدگاهه قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار تي انعام ڏنو ويو. ڏکڻ قطب جي برف ۾ قائم هن رصدگاهه وسيلي سائنسدان ڪائنات جي ڏورانهن علائقن ۾ ٿيندڙ واقعن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهن ٿا.

ڪيميا: هينري بي. ڪئگن ۽ ڪينسو سوئي کي نامياتي ڪيميائي عملن ۾ اهڙن ماليڪيولن جي ٺهڻ بابت تحقيق تي انعام ڏنو ويو جيڪي هڪ ٻئي جا آئيني عڪس (ابت سُبت) هوندا آهن. اهڙي تحقيق ڪيميا جي بنيادي علم سان گڏ انهن عملن کي به سمجهڻ ۾ مددگار آهي، جيڪي دوائن ۽ ٻين ڪيميائي شين جي تياريءَ ۾ اهم ٿي سگهن ٿا.

ادب: اين ڪارسن کي سندس نرالي ۽ تخليقي ادبي ڪم جي مڃتا طور نوبل انعام ڏنو ويو. سندس لکڻين ۾ آڳاٽي ادب جي روايتن ۽ جديد ادبي انداز جو ميلاپ نمايان آهي. هيءُ انعام ادب جي ان سگهه کي به اجاگر ڪري ٿو جيڪا انساني تجربن ۽ خيالن کي نون اندازن سان پڙهندڙن تائين پهچائي ٿي.

امن: ناوي پلي کي عالمي امن، انساني حقن ۽ عالمي قانون جي پاسداريءَ لاءِ ڪيل ڪوشش جي مڃتا طور نوبل امن انعام ڏنو ويو. هوءَ انٽرنيشنل ڪرمنل ڪورٽ جي جج، روانڊا جي انٽرنيشنل ڪرمنل ٽربيونل جي جج ۽ صدر، ۽ گڏيل قومن جي انساني حقن بابت هاءِ ڪمشنر رهي آهي. جنگي ڏوهن، انسانيت خلاف ڏوهن ۽ نسل ڪشيءَ جي ذميوارن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻڻ لاءِ سندس ڪردار عالمي انصاف جي تاريخ ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. هن کي نوبل انعام ملڻ تي آمريڪا انٽرنيشنل ڪرمنل ڪورٽ تي ئي پابندي لڳائي ڇڏي آهي.

2026ع ۾ معاشي سائنسن جي انعام جو اعلان سڀاڻي (12 آڪٽوبر تي) ٿيڻو آهي. ان کان پوءِ هن سال جي نوبل انعامن جي مڪمل فهرست سامهون ايندي. نوبل انعامن جي اهميت رڳو اعزاز ماڻيندڙن تائين محدود ناهي؛ اهي دنيا کي اهو به ياد ڏيارين ٿا ته سائنسي جستجو ادبي تخليق ۽ انصاف لاءِ جدوجهد انساني سماج جي اڳڀرائيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

نانا پاٽيڪر: هڪ اداڪار، ڪيترائي سانڍيل درد

فريد احمد



> هڪ اهڙو اداڪار، جنهن جي اکين ۾ ڪردار جي محرومي ڏسي تماشائيءَ کي پنهنجو درد ياد اچي ويندو هو

ڪجھ اداڪار پنهنجي فن سان تماشائيءَ کي کلائيندا آهن، ڪي روئاريندا آهن، جڏهن ته ڪي پنهنجي ڪردارن جي اهڙي دنيا تخليق ڪندا آهن، جيڪا فلم ختم ٿيڻ کان پوءِ به ذهن مان نٿي نڪري. نانا پاٽيڪر انهن فنڪارن مان هو جن جي اداڪاريءَ ۾ ڪردار جي ٻاهرين ڪيفيت سان گڏ سندس اندر جي اٿڏايل پيڙا به محسوس ٿيندي هئي. سندس چهري تي ڪاوڙ، اکين ۾ بي وسي ۽ آواز ۾ لرزش رڳو اداڪاريءَ جا حربا نه هئا، پر ڪردار جي اندروني ڪشمڪش ظاهر ڪرڻ جا وسيلا هئا. نانا پاٽيڪر جي 8 آڪٽوبر 2026ع تي، 75 ورهين جي ڄمار ۾ گوا ۾ وفات سان هندي ۽ مرائي سئنيما هڪ اهڙي اداڪار کان محروم ٿي وئي، جنهن پنجن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي تائين پنهنجي الڳ سڃاڻپ برقرار رکي. سندس فني سفر کي رڳو فلمن ۽ ايوارڊن جي ڳڻپ سان سمجهي نٿو سگهجي. سندس اصل سگهه ڪردارن جي اندر لڪل محروميءَ کي اهڙي نموني ظاهر ڪرڻ ۾ هئي، جو ڏسندڙ کي پنهنجي اڻڄاتل درد جو احساس ٿيڻ لڳندو هو.

نانا جو اصل نالو وشوناٿ پاٽيڪر هو. هن پهرين جنوري 1951ع تي مهاراشٽر جي علائقي مرود-جنزيرا ۾ جنم ورتو ۽ پنهنجي فني سفر جي شروعات ٿيٽر ۽ مرائي فن جي دنيا مان ڪئي. 1978ع ۾ فلم 'گمن' وسيلي هندي سئنيما ۾ پير پاتائين. ان دور ۾ روايتي هيرو جي خوبصورتي ۽ رومانوي انداز کي خاص اهميت حاصل هئي، پر نانا پنهنجي غيرروايتي چهري، تيز لهجي ۽ ڪردار ۾ گهڙي وڃڻ واري انداز سان الڳ سڃاڻپ ٺاهي.

هندي فلمن کان اڳ نانا جي اصل سڃاڻپ مرائي ٿيٽر ۽ فلمن مان ٺهي هئي. 'سنگهاسن' جهڙين مرائي ڪلاسڪ فلمن ۽ اسٽيج ڊرامن سندس اداڪاريءَ ۾ هڪ بنيادي پختگي پيدا ڪئي. هن جي انداز ۾ سڌو سنئون عوامي لهجو ۽ مرائي لوڪ فن جو اثر واضح نظر ايندو هو. جنهن کيس ٻالي ووڊ جي روائتي هيروز جي هجوم ۾ هڪ منفرد ۽ الڳ سڃاڻپ ڏني. نانا جي زندگيءَ جي شروعات به آسان نه هئي. سندس والد جو ڪاروبار ختم ٿيڻ کان پوءِ خاندان کي مالي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو. نانا جي پنهنجي بيان موجب، هڪ وقت اهڙو به آيو جڏهن گهر ۾ هڪ ويلي جو بندوبست ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو. نوجوانيءَ ۾ هن فلمي پوسٽر ٺاهڻ جو ڪم به ڪيو جنهن جي عيوض کيس مهيني جا 35 رپيا ۽ هڪ ماني ملندي هئي. ڪم تي وڃڻ لاءِ کيس روزانو لڳ ڀڳ اٺ ڪلوميٽر پنڌ به ڪرڻو پوندو هو.

'سلام بمبئي!'، 'پرندا'، 'ڪرانتيوير'، 'اگني ساڪشي'، 'خاموشي: دي ميوزيڪل'، 'اپهارن'، 'اب تڪ ڇپن' ۽ 'ويلڪم' جهڙين فلمن ۾ سندس اداڪاريءَ جا مختلف رنگ ڏسي سگهجن ٿا. سندس ڪردارن ۾ ڪاوڙ، ضد، خوف، بي وسي ۽ اندروني تضاد هوندا هئا. هو ڪردار جي شخصيت کي رڳو ڊائلاگن سان نه، پر جسماني حرڪتن، نظرن، لهجي ۽ خاموشيءَ سان به اڀاريندو هو. هو سنجيده هجي يا مزاحيه ڪردار، پنهنجي موجودگيءَ ...

... فني سوچ جو اعليٰ مثال آهي. هن فلم ۾ پنهنجي ڪردار کي حقيقي روپ ڏيڻ لاءِ نانا باقاعدي سيڪنڊ ليفٽيننٽ طور آرمي جي سخت ٽريننگ حاصل ڪئي. هيءَ فلم هندوستاني سئنيما ۾ فوجي نظم ۽ سماجي برائين خلاف هڪ سنجيده ۽ جاندار اپيل طور ياد رکي ويندي. نانا کي ٽي قومي فلم ايوارڊ مليا. 'پرندا' ۽ 'اگني ساڪشي' لاءِ بهترين مددي اداڪار، جڏهن ته 'ڪرانتيوير' لاءِ بهترين اداڪار جو ايوارڊ سندس حصي ۾ آيو. 2013ع ۾ کيس هندستان جي شهري اعزاز 'پدم شري' سان نوازيو ويو. اهي اعزاز سندس فني اهميت جو ثبوت آهن، پر سندس اداڪاريءَ جو اثر ايوارڊن جي ڳڻپ کان وڌيڪ وسيع آهي.

... جي پيڙا ڪنهن کي ڏيکارڻ نه چاهيندو هجي. سندس چهري جي سختيءَ ۾ اڪيلائي، آواز جي وقفي ۾ بي وسي ۽ ڊائلاگ کان پوءِ پيدا ٿيندڙ خاموشيءَ ۾ ڪردار جي اندر لڪل محرومي محسوس ٿيندي هئي. محروميءَ جو مطلب رڳو غربت يا ڪنهن شيءِ کان محروم رهجي وڃڻ ناهي. اها محبت جي کوٽ، وڇايل رشتي جو درد، اڌوري خواهش يا اهڙو احساس به ٿي سگهي ٿي، جنهن کي ماڻهو پاڻ به لفظن ۾ بيان نه ڪري سگهندو آهي. نانا جا ڪيترائي ڪردار اهڙي انساني ڪيفيت کي ڇهندا هئا. تماشائيءَ لاءِ ڪردار جي زندگيءَ سان متفق ٿيڻ ضروري نه هوندو هو، سندس اندر جي بي وسيءَ کي محسوس ڪرڻ ئي ڪافي هوندو هو.

مرائي فلم 'نٽسمرات' ۾ نانا جي اداڪاري ان جو هڪ اهم مثال آهي. فلم جو مرڪزي ڪردار هڪ پوڙهو ٿيٽر فنڪار آهي، جنهن پنهنجي زندگيءَ جا ڪيترائي سال اسٽيج تي ٻين جا ڪردار ادا ڪندي گذاريا آهن. پر جڏهن کيس پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي ڏکن ۽ اڪيلائيءَ سان منهن ڏيڻو پوي ٿو تڏهن سندس اندر جي دنيا سامهون اچي ٿي. نانا هن ڪردار ۾ رڳو پوڙهائپ يا ڏک پيش نٿو ڪري، پر هڪ اهڙي انسان جي پيڙا ظاهر ڪري ٿو جنهن ٻين جي جذبن کي سمجهڻ ۾ زندگي گذاري، پر پنهنجي ئي زندگيءَ ۾ پنهنجائپ جي کوٽ محسوس ڪرڻ لڳو. اهو ئي فن جو اثر آهي: فنڪار پنهنجي ڪردار جي ڪهاڻي ٻڌائيندي تماشائيءَ کي به پنهنجي اندر جي ڪنهن اڻٻڌايل ڪهاڻيءَ سان ملائي ڇڏي ٿو. نانا پاٽيڪر 2015ع ۾ مرائي اداڪار مڪرانند انسپوريءَ سان گڏ 'نام فائونڊيشن' قائم ڪئي، جنهن وسيلي مهاراشٽر جي ڏڪار سٽيل علائقن ۾ آبادگارن ۽ متاثر خاندانن جي مدد ڪرڻ سان گڏ پاڻيءَ جي مسئلن تي به ڪم ڪيو ويو. اها سندس فلمي دنيا کان ٻاهر سماجي مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيڻ ۽ پنهنجي وس آهر عملي مدد ڪرڻ جي ڪوشش هئي. هڪ حقيقي ۽ وڏي فنڪار وانگر نانا پاٽيڪر جي شخصيت به پيچيدگين کان ٻاهر نه هئي. جتي کيس سماجي خدمتن ۽ فن سبب سارا هيو ويو اتي هو ڪجهه تڪرارن جو به شڪار رهيو. 2018ع ۾ اداڪارا تنوشري دتا، 2008ع ۾ فلم 'هارن اوڪي پليز' جي شوٽنگ دوران نانا پاٽيڪر تي جنسي هراسان ڪرڻ جو الزام لڳايو هو جنهن کي نانا رد ڪيو. پوليس جاچ ۾ ثبوت نه ملڻ سبب ڪيس بند ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي هئي. نانا پاٽيڪر جي فن جي اصل سگهه رڳو ڪاوڙ جي شدت يا ڊائلاگن جي گونج ۾ نه، پر ڪردار جي اندر لڪل محروميءَ کي ظاهر ڪرڻ ۾ هئي. 'پرندا'، 'ڪرانتيوير'، 'اب تڪ ڇپن' ۽ 'نٽسمرات' جهڙين فلمن ۾ سندس ...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحدہ عرب امارات ہر قیمت 2 درھم - سعودی عرب ہر 2 ریال
ایڈیٹر انچیف و پبلشر: قاضی اسد عابد
عبرت
روزنامہ
فی ہیلو پرنٹر ناظم آباد سے شائع ہونے والا پہلا مکمل سوبر و بولڈ پرنٹنگ مال جو پیش عبرت گروپ آف پبلیکیشنز کی جدت سے طباعت کی تمام جدید خوبیوں سے مزین ہوکر روزانہ عبرت حیدرآباد کے قارئین کی خدمت کررہا ہے
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibrat@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آج 11 اکتوبر 2026ء

سندھ ہر اغوا جون وارداتون، اترائتي حکمت عملي ءَ جي ضرورت!

سنڌ ۾ اغوا جون وارداتون، ڪڏهن ڪڏهن اهي پرڀول ٻڌائڻ ۽ ڏوهارين جي گرهن جي سرگرمين بابت ساڻهون ايندڙ خبرون انهن امان جي صورتحال تي سنجيدا سوالي اٿارين ٿيون. ڪنهن به مهذب سماج ۾ مائهو جو جيئن جارت ۽ آزاديءَ کي بنيادي اهميت حاصل هوندي آهي پر جڏهن مائهو پنهنجي گهرن مان نڪرندي، سفر ڪندي يا ڪنهن بهتر مستقبل جي آسري ۾ پنهن عالمڪ ڏانهن ويندي ۽ محفوظ نه هجن ته اها صورتحال رڳو ڪوجهي ڪارڪردگيءَ جو مسئلو نه رهندي آهي. پر حڪومت لاءِ هڪ امتحان بڻجي ويندي آهي. سنڌ سميت مختلف علاقڻ مان اغوا جي واقعن بابت ساڻهون ايندڙ خبرن جو روشني ۾ ضروري آهي ته ان مسئلي کي ڪنهن هڪ واقعي تائين محدود رکڻ بدران مجموعي طور ڏسو وچي ۽ ان جي بنيادي سببن کي ختم ڪرڻ لاءِ سنجيدہ قدم کنيا وڃن.

رستم جي ڪچي واري ڏاڪڻ سان تعلق رکندڙ معذور نوجوان يامين عرف ليڏو پڻ علي گوهر مصراڻي جي ميڙ ۾ اغوا وارو واقعو ہ سنڌ ۾ اغوا جي مسئلي جي سنگينيءَ کي ظاهر ڪري ٿو. شو موجب نوجوان کي شاديءَ جو آسرو ڏئي پنجاب ڪهڙيو ويو هو. جتي ڪيس ميڙ طور قيد ڪري سندس وارثن کان 10 لک روپيا ڀنگ طلب ڪيو ويو آهي. وارثن جڏهن ڇوٽڪاري جي قيد ڪرڻ ۽ بعد ويڙهه ڪيس موڪلڻ ويٽي آهي. معاملي بابت اها ڳالهه پڻ ساهمون ڏني آهي ته جوابدار تر جون ۽ ناربون ۾ ميڙ اغوا ٿيل آهن جڏهن ته نوجوان جون وارثن پارڪ 5 لک روپيا ڏيڻ جي آڇ قبول نه ڪرڻ ڪري ويو آهي. انهن سمورن الزامن ۽ دعوائن جو تصديق جاچ ڪيل ڪيس پوئ ئي سگهي ٿو. هن وقتي ميڙ امان اهم سوال ضرور پيدا ڪيو ٿو ته آخر سنڌ ۾ اها ڪهڙن اهڙي صورتحال مان ڪرندڙ جنهي انساني زندگيون پينگ ۽ ذاتي ڪاروبن جو ور ڇڙهيل هجن؟ حقيقت اها آهي ته سنڌ ۾ اغوا جو مسئلو رڳو ڪنهن هڪ شهر، ضلعي يا علاقڻ تائين محدود ناهي رهيو ہ انهيءَ جا مختلف روپ نظر آيل آهن. ڪٿي مائهن کي پينگ لاءِ اغوا ڪري ٿيو، خبرون ساهمون آيون ٿيون. ڪٿي زميندر ۽ ذاتي تڪرارن جي نتيجي ۾ مائهن کي ورغهلائي ٻڌائڻ جا الزام لڳن ٿا ته ڪٿي وري روزگار، شادي يا ٻين لالچن ذريعي مائهن کي ڪاسائڻ جهڙا واقعا هجڻ ڪري تسليل سان ريپورٽ ٿيندا رهن ٿا. اهڙن واقعن جي نوعيت ۽ اڻڪ بابت حتمي راءِ ڏيڻ لاءِ تصديق ٽيبل سرڪاري اڻڪ ۽ مڪمل جاچ ضروري آهي. پر هر اهڙو واقعو متاثر خاندان لاءِ آزمائش بڻجي وڃي ٿو. سنڌ جي ڪچي وڌن علاقڻ ۾ امن جي صورتحال بابت مختلف رايا ڏنا ويندا آهن. ڪجهه ساهمون ايندڙ خبرون ٻڌائينديون ته ڪجهه ڪٿن علاقڻ ۾ ڏوهارين جي گروهن جي موجودگي، پينگ لاءِ اغوا ۽ مائهن جي تحفظ بابت خدشا قانون لاڳو ڪندڙ اڌن لاءِ هڪ وڏو چئلينج بڻيل آهن. تنهن هوندي به اهم مسئلو رڳو پوليس جو هڪ ڪارواٻي تائين محدود نه ٿيڻ گهرجي. متاثر خاندان جي آواز اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ ۽ انتظاميا کان واقعن بابت ٽيبنڈ ڪارواٻي اڻ ڪاٻ حاصل ڪرڻ اهم آهي. سنڌ حڪومت ۽ پوليس سميت لاڳاپيل ڏرين کي گهرجي ته اغوا جي واردات بابت تصديق ٽيبل اڻڪ آڻي عوام آڏو ڦهلائين. ضلعي واڌ ورتاڻ جي حاڪوم ولي، انهن علاقڻ جي نشاندهي ڪن جيئن ٻڌايو ته اها ڪمزور ٿيل حڪومتي ڪنٽرول ۽ سياسائڻن جا پنهنجا پاڻ ۾ اختلاف به هڪ پاسي قانون جي ڪمزور عملداري ۽ ٻئي طرف سماجي ۽ معاشي بهتريءَ لاءِ ڏکيو مدي وار قدر ڪٽڻ ضروري آهن. هر ميڙ ۾ ميڙيا جو ڪردار به اهم آهي. جو ته اها اغوا جي واقعن کي ڏميواري، ڏس ۽ ٻڌڻ جو ڪردار به اهم آهي. جو ته اها اغوا جي واقعن کي ڏميواري، سان ريپورٽ ڪرڻ. متاثر خاندان جو آواز اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ ۽ انتظاميا کان واقعن بابت ٽيبنڈ ڪارواٻي اڻ ڪاٻ ڪرڻ اهم آهي. سنڌ حڪومت ۽ پوليس سميت لاڳاپيل ڏرين کي گهرجي ته اغوا جي واردات بابت تصديق ٽيبل اڻڪ آڻي عوام آڏو ڦهلائين. ضلعي واڌ ورتاڻ جي حاڪوم ولي، انهن علاقڻ جي نشاندهي ڪن جيئن ٻڌايو ته اها ڪمزور ٿيل حڪومتي ڪنٽرول ۽ سياسائڻن جا پنهنجا پاڻ ۾ اختلاف به هڪ پاسي قانون جي ڪمزور عملداري ۽ ٻئي طرف سماجي ۽ معاشي بهتريءَ لاءِ ڏکيو مدي وار قدر ڪٽڻ ضروري آهن. هر ميڙ ۾ ميڙيا جو ڪردار به اهم آهي. جو ته اها اغوا جي واقعن کي ڏميواري، ڏس ۽ ٻڌڻ جو ڪردار به اهم آهي. جو ته اها اغوا جي واقعن کي ڏميواري، سان ريپورٽ ڪرڻ. متاثر خاندان جو آواز اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ ۽ انتظاميا کان واقعن بابت ٽيبنڈ ڪارواٻي اڻ ڪاٻ حاصل

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ISO-9001:2015 Certified

مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي

جامشورو-76062، سنڌ، پاڪستان فون / فيڪس نمبر: 2771403-22 92+

ڪرپشن کان انڪار

اي ميل: nadeem.soomro@admin.muet.edu.pk

DEPUTY DIRECTOR (Procurement)

No. & Dated: DD(Proc.)/MUET/JAM/-117, 07-10-2026

ٽينڊر جي لاءِ عام دعوت

سڀني اهل ٺيڪيدارن، فرمن، ادارن، سپلائرن، مينوفيڪچررز ۽ واحد مجاز ڊسٽريبيوٽرز، جيڪي مقرر ڪيل اهليت جي معيار تي پورو لهن ٿا، کي هيٺ ڏنل ڪمن جي لاءِ مڪمل ڪم يا آئٽم ريٽ جي بنياد تي ٽينڊر ۾ شرڪت جي دعوت ڏجي ٿي. لاڳاپيل ضابطن جي مطابق واڪ ڏيندڙن جي لاءِ انڪم ٽيڪس جي سلسلي ۾ فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) ۽ سيلز ٽيڪس جي لاءِ لاڳاپيل ادارن وٽ رجسٽرڊ هجڻ ۽ فعال ٽيڪس ڏيندڙ (Taxpayers Active) جي حيثيت رکڻ ضروري آهي. اهڙي طرح ڪمن ۽ خدمتن (Works & Services) جي خريداري جي صورت ۾ سنڌ روينيو بورڊ (SRB) سان گڏ رجسٽريشن ۽ فعال ٽيڪس ڏيندڙ هجڻ لازمي آهي. جتي ضروري هجي هجي، پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) وٽ رجسٽريشن به ضروري آهي. وڌيڪ واڪ ڏيندڙ ڪنهن به سرڪاري يا پروڪيورنگ ايجنسيءَ طرفان بليڪ لسٽ ٿيل نه هجي.

S#	Name of Work	Estimated Cost	Tender Fee	Completion Time	Earnest Money @ 5%	Date of issuance	Date of Submission of Bids	Purchase From
1.	Construction of Interconnect-ing road from Shaikh Abdul Majeed Sindhi Hostel towards the newly constructed 150 Boys Hostel at MUET, Jamshoro.	Rs. 23.064 (M)	5000/-	03 Months	Rs. 1.1532 (M)	12-10-2026	28-10-2026 upto 10.30 A.M	SPPRA EPADS
2.	Construction of approach road of New 150 Girls Hostel at MUET, Jamshoro.	Rs. 15.807 (M)	5000/-	03 Months	Rs. 0.790 (M)	12-10-2026	28-10-2026 upto 11.00 A.M	SPPRA EPADS
3.	Construction of Boundary Wall of New 150 Girls Hostel at MUET, Jamshoro.	Rs. 15.654 (M)	5000/-	03 Months	Rs. 0.7827 (M)	12-10-2026	28-10-2026 upto 11.30 A.M	SPPRA EPADS
4.	Replacement of overhead line with underground cable LT of 95 mm^2 from Mechatronics Department & Workshop at MUET, Jamshoro.	Rs. 24.598 (M)	5000/-	03 Months	Rs. 1.2299 (M)	12-10-2026	28-10-2026 upto 12.00 Noon	SPPRA EPADS
5.	Replacement of main drainage line of old Girls Hostels and Senior Staff Residence Colony i/c manholes at MUET, Jamshoro.	Rs. 13.248 (M)	5000/-	03 Months	Rs. 0.6624 (M)	12-10-2026	28-10-2026 upto 12.30 P.M.	SPPRA EPADS
6.	Providing & Laying of 11 KV HT Cable, LT Cable & 100 KVA Pad Mount Transformer for Squash Court Building at MUET, Jamshoro.	Rs. 17.200 (M)	5000/-	03 Months	Rs. 0.860 (M)	12-10-2026	28-10-2026 upto 01.00 P.M	SPPRA EPADS
7.	Interior partitioning and basic infrastructure development of the National Center of Nanoscience and Nanotech-nology (NCNN) at MUET, Jamshoro	Rs. 2.628 (M)	5000/-	02 Months	Rs. 0.1314 (M)	12-10-2026	28-10-2026 upto 01:30 P.M	SPPRA EPADS

شرط ۽ ضابطا هيٺ ڏجن ٿا:

1. قاعدن ۽ ضابطن موجب تيار ڪيل اليڪٽرانڪ آڇ (E-Bidding) جا دستاويز، جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا، ٽيڪنيڪل وضاحتون ۽ ٻيون ضروري گهرجون شامل آهن، رجسٽرڊ واڪ ڏيندڙن جي لاءِ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي (SPPRA) جي اليڪٽرانڪ پروڪيورمينٽ اينڊ آڪشن سسٽم (EPADS) جي پورٽل /#/https://portalsindh.eprocure.gov.pk ۽ يونيورسٽي جي ويب سائيٽ https://www.muet.edu.pk/tender-notices تان، مٿي ڄاڻايل ناقابلِ واپسي مقرر ٿيل في جي ادائيگي کان پوءِ، ٽينڊر کولڻ واري ڏينهن کان سواءِ ڪنهن به آفيس وقت حاصل ڪري سگهجن ٿا. مقرر ڪيل ٽينڊر في ۽ تخميني رقم جي 5 سيڪڙو جي برابر بڊ سيڪيورٽيءَ جا اصل پي آرڊر/ڊي ڊي، جيڪي پاڪستان جي ڪنهن به شيڊولڊ بينڪ طرفان جاري ڪيل هجن، ڊائريڪٽر (پروڪيورمينٽ)، مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، جامشورو جي نالي تي، آڇون کولڻ کان اڳ سنڌس آفيس ۾ لازمي طور جمع ڪرائڻا پوندا.
2. اليڪٽرانڪ آڇون مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت تائين EPADS ذريعي جمع ڪرائڻ لازمي هوندو، جيئن مٿي ڏنل جدول ۾ ڄاڻايل آهي. هٿرادو آڇون (Manual Bids) ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون وينديون. اليڪٽرانڪ آڇون هيٺين شيڊيول موجب، ان وقت موجود واڪ ڏيندڙن جي نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون:
   - سيريل نمبر 1: 28-10-2026، صبح جو 11:00 وڳي، سيريل نمبر 2: 28-10-2026، صبح جو 11:30 وڳي، سيريل نمبر 3: 28-10-2026، منجهند جو 12:00 وڳي، سيريل نمبر 4: 28-10-2026، منجهند جو 12:30 وڳي، سيريل نمبر 5: 28-10-2026، منجهند جو 01:00 وڳي، سيريل نمبر 6: 28-10-2026، منجهند جو 01:30 وڳي، سيريل نمبر 7: 28-10-2026، منجهند جو 02:00 وڳي. جيڪڏهن ڪنهن اڻٽر صورتحال سبب ٽينڊر کولڻ جي مقرر ڪيل تاريخ تي آفيس بند هجي يا حڪومت طرفان عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي، ته ٽينڊر ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي جمع ڪرايا ۽ کوليا ويندا. اهڙي ڪا به شرطيه آڇ يا اهڙي آڇ جنهن سان مقرر ڪيل سوڙي رقم (Earnest Money) شامل نه هجي، مقابلي لاءِ قابلِ قبول نه هوندي.
3. خريداريءَ جو طريقيڪار هڪ مرحلي تي هڪ لفافي پروڪيورمينٽ هوندو
4. واڪ ڏيندڙن لاءِ لازمي آهي ته انهن وٽ ڪنهن يونيورسٽي يا اداري ۾ ساڳئي نوعيت جون خدمتون فراهم ڪرڻ جو گهٽ ۾ گهٽ پنجن (05) سالن جو تجربو هجي.
5. واڪ ڏيندڙن لاءِ لاڳاپيل ٽيڪس وصول ڪندڙ ادارن وٽ رجسٽرڊ هجڻ ضروري آهي. ان رجسٽريشن جي تصديق لاڳاپيل ادارن کان ڪئي ويندي.
6. واڪ ڏيندڙ ڪنهن به خريداري ڪندڙ اداري طرفان بليڪ لسٽ ٿيل نه هجي. ان سلسلي ۾ حلف نامو (Affidavit) جمع ڪرائڻ لازمي هوندو
7. واڪ ڏيندڙن لاءِ گذريل پنجن (05) سالن جي گهٽ ۾ گهٽ سالياني ڪاروباري ٽرن اوور هيٺينءَ ريت هجڻ ضروري آهي، جنهن جي تصديق بينڪ اسٽيٽمينٽ ذريعي ڪئي ويندي:
   - سيريل نمبر 1: 25.000 ملين رپيا، سيريل نمبر 2 ۽ 3: 16.000 ملين رپيا، سيريل نمبر 4: 25.000 ملين رپيا، سيريل نمبر 5: 14.000 ملين رپيا، سيريل نمبر 6: 18.000 ملين رپيا، سيريل نمبر 7: 03.000 ملين رپيا. واڪ ڏيندڙن لاءِ لاڳاپيل بينڪ طرفان جاري ڪيل سالياني ڪاروباري ٽرن اوور جو سرٽيفڪيٽ پڻ گڏ ڪرڻ لازمي هوندو.
8. پروڪيورنگ ايجنسي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2010 (وقت بوقت ڪيل ترميمن سميت) جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن به يا سڀني آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي ان کان علاوه، ڄاڻايل قاعدن جي رول 25 (Rule 25) تحت ڪنهن به آڇ يا تجويز جي منظوريءَ کان اڳ ڪنهن به وقت خريداريءَ جو عمل رد ڪري سگهجي ٿو.

ڊپٽي ڊائريڪٽر (پروڪيورمينٽ)، مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، جامشورو
فون نمبر: 022-2109010 فيڪس: 022-2771403
اي ميل: nadeem.soomro@admin.muet.edu.pk

PID(H) 102/2026

اوڀرولال پرسان موٽرسائيڪل جو پيادل شخص کي ٽڪر، هڪ فوت، ٻيو زخمي

ڳوٺ ابوبڪر موروجا ۾ اسٽاپ پرسان موٽرسائيڪل جو پيادل ويندڙ سان ٽڪر ٿي ڦيرو

حادثي جي نتيجي ۾ اقبال ولد محمد حنيف ۽ غلام حسين موروجو سخت زخمي ٿي ويا

زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سرور نہ سهندي اقبال دم ڏٽي حوالي ڪيو

اوڀرولال (ن ع) اڀرولال پرسان موٽرسائيڪل جو پيادل شخص کي ٽڪر ۾ فوت ٻيو زخمي ٿيو آهي. ٻنهي جو تعلق ڳوٺ ابوبڪر موروجا سان آهي. ٻنهي ايمرجنسي طبي امداد لاءِ ضلعي هيڈ ڪوارٽر اسپتال ميرپور ساڪرو منتقل ڪيو ويو جتي اقبال ولد محمد حنيف جيڪو سخت زخمي هو، دم ڏٽي حوالي ڪيو ويو. ٻئي زخمي غلام حسين موروجو کي فوري طور طبي امداد لاءِ ضلعي هيڈ ڪوارٽر اسپتال ميرپور ساڪرو منتقل ڪيو ويو. ٻنهي جو تعلق ڳوٺ ابوبڪر موروجا سان آهي. ٻنهي جي لاش جي حوالگي ۽ پوسٽ مارٽم جي ڪارروائي رليو ويو. ڪيس جي تفصيل موجب، ٻنهي زخمين جي ڪار ايڪسيڊنٽ ڪري ڇڏي هئي. ڪار جو ڊرائيور ۽ مالڪ موقعي تان فرار ٿي ويو. پوليس ڪار جي ڳولا ۾ مصروف آهي. ٻنهي زخمين جي ڪار سان ٽڪر ٿيڻ جو سبب ڊرائيور جي غفلت ۽ لاپرواهي ٻڌايو پيو وڃي. پوليس ڪار جي ڊرائيور کي ڳولي رهي آهي. ڪيس جي وڌيڪ تحقيقات جاري آهي.

فريدآباد ۾ رياض خاصخيلي ۽ ظفر جانڊيو سميت 52 ڏينهن ۾ بڪ ٿيڻائي

رياض جي گهمڊه ليندي 52 ڏينهن ۽ ظفر جانڊيو جي 7 ڪال ڪڍي ويا آهن: وارث

مسوريڪڙي ۾ ساريائي فصل جا اڳهه ڪري پيا، آبادگار معاشي بحران جو شڪار

مهانگا ٻج، پاڻ، زرعي دوائون، ڊيزل ۽ مزدوريءَ جا خرچ ٻيڻا ۽ فصل جا اڳهه سستا، خرچ نہ نڪو ڪرڻ مظاهرين

آبادگارن جو زراعت کاتي خلاف ڪارڪردگي، ڪم نہ ڪرڻ، احتجاج ۽ مناسب اڪهه ڏيارڻ جو مطالبو

سنڌ جي وڏي وزير ۽ صوبائي وزير زراعت کان ساريائي فصل جي اڳهن ۽ لات جو نوٽيس وٺڻ جي اپيل

ڪراچي ۾ الڳ الڳ حادثن ۾ واڌڻن ۽ معصوم ٻار سميت چار جڏا ٿوت

فتيرا ڳوٺ لڪ مومن محلي ۾ ڪچري جي ڪنڊي مان 30 _ 35 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو

ڪمرڪوٽ لڳ بن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر، نوجوان فوت، هڪ زخمي

ڪنري روڊ تي ٽريڪٽر يونيورسٽي پرسان بن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ 14 ورهين جو اشرڪ جوڪڻي فوت، ڪامران شاهاڻي زخمي ٿي پيو

لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. نازڪ حالت سبب زخمي حيدرآباد ريفر

ڪمرڪوٽ لڳ بن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر نوجوان فوت، هڪ زخمي

ڪنري روڊ تي ٽريڪٽر يونيورسٽي پرسان بن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ 14 ورهين جو اشرڪ جوڪڻي فوت، ڪامران شاهاڻي زخمي ٿي پيو

لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. نازڪ حالت سبب زخمي حيدرآباد ريفر

شيخ عزيز پنهنجي آٿاڻا ۾ هن مرن کي صحافت ميڪاريو ۽ پوءِ جلڊي سياست ۽ آبس ٿر کانپو، معاملن سائين صلاح مشورا ڪندو هئس

شيخ عزيز جنگ آباد ۾ مهراڻ رنگ صفحو شروع ڪيو ۽ سڌ سان ٽئين رڪنڙ مختلف شروعڻ ڪوٺ سان اڙوپاڙوءَ ۽ پاڙهيڙ ٻڌاءِ، محمود شاهه

ڪراچي: ڪوئٽ صوبائي وزير پير مظهر الحق تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٽنڈوالهيار ۾ ڦوڙائي ۾ ڀيڻ ۽ ڀاءُ جو موت، ٻار زخمي

پٽ ۽ سالن جي زيادتيون خلاف احتجاج

تحفظ ۽ انصاف جو مطالبو

ٽنڈوالهيار (ڊ ن) ٽنڈوالهيار جي ڳوٺ گل محمد خاصخيلي جو رهواسي ٻار پنجن خاصخيلي نالوسان پٽ ۽ سالن جي ڏاڏيئر خلاف ڏڪڻ لاءِ پوليس ٿاڻي ٽنڈوالهيار پوسي ڪلب آڏو احتجاج ڪيو. ڪوڙائي امام بخش خاصخيلي، ڪوڙائي چيئرمين سائين بخش خاصخيلي، سنڌ چيئرمين سائين بخش عبدالقدوس ۽ سنڌس سائين سڪندر، هادي بخش، رفيق خاصخيلي، صنوبر جيئڻ جتوئي، ڪوڙائي مهتاب جيئڻ جتوئي، چڌيئر آجي صنوبر جيئڻ جتوئي، ڪوڙائي آجي صنوبر جيئڻ جتوئي، ڪوڙائي آجي صنوبر جيئڻ جتوئي، ڪوڙائي